هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

07/07/2016



(Sindhi)

## تلاوت جي ڪثرت ڪرڻ وارن جا واقعا



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت:

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن جمعرات جو ڏينهن ايندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جنهن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير جمعرات جي ڏينهن ۽ جُمُعہ جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي. (اَلفِردَوس بمأثور الخِطاب ج١ص١٨٤ حديث٦٨٨)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِه. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ان رَبّ عظيم عَزَّوَجَلَّ جو بي مِثل ڪلام آهي جيڪو اڪيلو مَعبُود، واحد خالِق ۽ سڄي ڪائنات جو حقيقي مالڪ آهي، دُنيا ۽ آخرت جي هر ڀلائي حقيقي طور تي ان جي دَستِ قدرت ۾ آهي، ان پنهنجو هي ڪلام رسولن جي سردار، عالَم جي مالڪ ومختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل فرمايو تہ جيئن ان جي ذريعي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي الله تَعالٰي تي ايمان آڻڻ ۽ دينِ حق جي پيروي ڪرڻ ڏانهن سڏين ۽ هي اهو مُقدس ۽ بابرڪت ڪلام آهي جو جنهن کي ڏسڻ، پڙهڻ، ٻُڌڻ ۽ هٿ لڳائڻ سڀ عبادت جا ڪم آهن، اسان جا بزرگ سڳورا رَحمَةُ اللهِ تعالٰى عَلَيهِم اَجمَعِين نهايت عقيدت ۽ مَحَبَّت سان، ۽ ڪثرت سان اللهعَزَّ وَجَلَّ جي هن پاڪ ڪلام جي تلاوت ڪري ان جي رحمتن ۽ برڪتن سان پنهنجو دامن ڀريندا هئا. اچو انهيءَ حوالي سان هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا،



www.dawateislami.net

## قرآنِ شريف جو شيدائي!

حضرت سَيِدُنا محمدبن اسماعيل بخاري رَحمَةُ اللهِ تعالٰی عَليهِ جي باري ۾ اچي ٿو تہ گهڻي مصروفيات جي باوجُود سندن عبادت جو ذوق ۽ شوق پيروي لائق هو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تعالٰی عَليهِ کي تلاوتِ قرآن سان عشق جي حد تائين لڳاؤ هو، رَمَضان المبارڪ جي راتين ۾ تراويح دوران ڏهہ (10) سيپارا پڙهندا هئا ۽ ٽن راتين ۾ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا هئا، ۽ رَمَضانُ المُبارڪ جي پهرين رات ۾ ماڻهو اوهان وٽ گڏ ٿيندا هئا تہ پاڻ انهن کي تراويح ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌائيندا هئا.( ارشاد الساري ج ۱، ص ۵۳،تاريخ بغداد،ج۲ ص ۱۲)

قرآنِ ڪريم سان سندن مَحَبَّت جو اندازو هن واقعي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ اوهان جا ڪاتب محمد بن ابي حاتم رَحمَةُ اللهِ تعالٰی عَليهِ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري اوهان کي اوهان جي ڪن شاگردن دعوت ڏني تہ پاڻ تشريف کڻي ويا، جڏهن نمازِ ظُهر جو وَقت ٿيو تہ پاڻ ماڻهن سان گڏ نماز پڙهي ، پوءِ نفل شُروع ڪري ڇڏيا، وڏو ڊگهو قيام ڪيائون، جڏهن فارغ ٿيا تہ قميص جو هڪ ڪنارو بلند ڪندي پنهنجي بعض ساٿين کي فرمايو، ڏسو منهنجي قميص جي اندر ڪهڙي شيء آهي؟ اُنهن ڏٺو تہ هڪ (مُوذي جانور) هو جنهن سورهن (16) سترهن (17) هنڌن تي ڏنگيو هو جنهن سان اوهان جو سڄو جسم سُڄي ويو هو ۽ ڏنگ جا نشان بلڪل ظاهر هو، ماڻهن چيو: سائين! جڏهن ان مُوذِي جانور پهريون ڏنگ هنيو تہ اوهان انهيءَ وَقت نماز مان ٻاهر ڇو نہ نڪتا؟ فرمايائون مون هڪ سُورت شُروع ڪئي هئي، دل چاهيو تہ اها پُوري ٿي وڃي (تہ پوءِ سلام ڦيريندس). (تاريخ بغداد ج ۲، ص ۱۳)

اِلٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضریٰ کے سائے میں شہادت کا



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسان جا بُزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی تلاوتِ قرآنِ ڪريم سان ڪيتري قدر مَحَبَّت ڪندا هئا جو جيڪڏهن تِلاوت دوران انهن کي ڪا تڪليف به پهچندي هئي ته تلاوتِ قرآن کي موقوف ڪرڻ پسند نه ڪندا هئا بلڪ هن ڳالهه کي پسند ڪندا هئا ته انهن جو وڌ کان وڌ وقت تلاوتِ قرآن ۾ خرچ ٿيندو رهي، يقيناً تلاوتِ قرآن جون بي شُمار رحمتون ۽ برڪتون آهن جيئن ته فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:''قرآن پڙهو ڇوته اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي اصحاب جي لاءِ شفيع بڻجي ايندو. (مسلم ، ڪتاب صلاة المسافرين وقصرها، باب فضل قراء ة القرآن وسورة البقرة، ص۴۰۳، الحديث: ۲۵۲(۸۰۴)) تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته اسان به وڌ کان وڌ قرآنِ ڪريم جي تلاوَت ڪيون، اها عادت انهيءَ صُورت ۾ بڻجي سگهندي جڏهن اسان جي دلين ۾ قرآنِ ڪريم جي مَحَبَّت ۽ ان جي تلاوت جي اهميت پيدا ٿيندي. الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم کي اهو شان ۽ عظمت عطا فرمائي آهي جيڪو ڪنهن بي ڪلام کي حاصل ناهي، قرآنِ ڪريم، اللهعَزَّوَجَلَّ جو واضح دليل ۽ ان جو نازل ڪيل نور آهي. تمام جنّ و اِنس ملي ڪري به قرآنِ ڪريم جهڙو ڪلام نٿا آڻي سگهن، قرآنِ ڪريم صراطِ مستقيم آهي ۽ هن ۾ ڪنهن قسم جي ڪا ٽيڙائپ نه آهي بلڪ نهايت مُعتدل ۽ ٻانهن جي لاءِ گهڻن فائدن تي مشتمل اهو محفوظ ڪتاب آهي جنهن جي حفاظت جو ذِمّو پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنيو آهي، قرآنِ ڪريم ۾ اَولين و آخِرين سيني جو علم موجود آهي، قرآنِ ڪريم مسلمانن جي لاءِ هدايت، رحمت، بشارت، نصيحت ۽ شفاء جو ذريعو آهي، قرآنِ ڪريم نهايت اثر انگيز ڪتاب آهي، جنهن کي ٻڌي خوف ۽ خَشِيت وارن



www.dawateislami.net

ماڻهن جون دليون ڏڪي وينديون آهن ۽ اهي عذابِ الٰهي تي مشتمل آيتن کي ٻڌي خُوب گِريو زاري ڪندا آهن. جيئن ته

حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا فرمائن ٿيون: منهنجا والدِ سڳورا حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا ته پاڻ کي پنهنجي لڙڪن تي اختيار نه رهندو هو يعني زارو قطار روئيندا هئا.

(شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعالي، ج۱، ص۴۹۳، ح۸۰٦)

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا
اللہ! تِلاوت میں میرے دِل کو لگا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن ۾ فاروقِ اعظم جو روئڻ

حضرت سيدُنا حسن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هن آيتن جي تلاوت ڪئي: ﴿ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۝۷ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۝۸ ﴾ (پ۲۷، الطور:۷تا۸) ( تَرْجمو ڪنز الايمان: بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ضرور ٿيڻو آهي ان کي ڪو به ٽارڻ وارو ڪونهي '') پاڻ تي خوفِ خدا جي غلبي جي سبب اهڙي رِقّت طاري ٿي جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ساهه اڪڙجي پيو ۽ اها ڪيفيت ڪم وبيش ويهه(20) ڏينهن تائين طاري رهي.(فيضان فاروق اعظم، ج۱ ص۱۵۱)

تیرے ڈر سے سدا تھرتھراؤں خوف سے تیرے آنسو بہاؤں
کیف ایسا دے،ایسی ادا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے



www.dawateislami.net

(وسائلِ بخشش مرمم، ص128)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روح نڪري ويو

حضرت زُراره بن ابي اَوفي رَحمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلیہِ نهايت ئي عابد، زاهد ۽ خوفِ الٰهي رکندڙ عالم باعمل هئا. تلاوتِ قرآن جي وقت وعيد ۽ عذاب واريون آيتون پڙهي ڪري خوف ۾ ڏڪندا هئا بلڪ ڪڏهن ڪڏهن خوفِ خدا مان بي هوش ٿي ويندا هئا. هڪ ڏينهن فجر جي نماز ۾ جيئين ئي پاڻ هنن آيتن جي تلاوت ڪئي: ﴿فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ﴿٨﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ﴿٩﴾﴾ ( پ٢٩، المدثر: 9،8)

( تَرْجمو ڪنز الايمان: پوءِ جڏهن سور ڦوڪيو ويندو پوءِ اهو ڏينهن ڏاڍو سخت آهي. )

تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلیہِ تي نماز جي حالت ۾ ئي خوفِ الٰهي جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو ڏڪندي ڏڪندي زمين تي ڪري پيا ۽ سندن رُوح نڪري ويو.

(اولیاءِ رجال الحدیث ص١٢٣ )

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا بُزرگ سڳورا ڪيتري قدر خُشوع ۽ خُضوع سان تلاوتِ قرآنِ پاڪ ڪندا هئا ۽ ان جي معنيٰ ۾ غور وفڪر ڪندي ڪيڏو روئيندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ تلاوت ڪرڻ وَقت ان جي مَعني ۾ غور ۽ تفڪر ڪندي روئڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. حضور نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”قرآن غم سان گڏ نازل ٿيو، تنهنڪري



www.dawateislami.net

جڏهن توهان ان جي قراءَت ڪيو تہ غم ظاهر ڪيو.‘‘(معجم الاوسط، باب الالف، من اسمہ ابراهيم، ۲/۱٦٦، الحديث: ۲۹۰۲.) ۽ غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو طريقو هي آهي جو قرآنِ پاڪ ۾ بيان ڪيل تنبيهات (نصيحتن وارين واقعن) ۽ وعيدات (يعني جن ڪمن تي سزا ڏيڻ جو وعدو آهي ان) کي ياد ڪيو ۽ پوءِ جن ڪمن کي ڪرڻ جو الله عَزَّوَجَلَّ حڪم ڏنو ۽ جن کي ڪرڻ سان منع ڪيو آهي ان جي باري ۾ پنهنجي ڪوتاهين تي بہ نظر ڪيو تہ مان انهن احڪامن تي ڪيتري قدر عمل ڪيان ٿو ۽ ڳڌ ئي عذابِ الٰهي ۽ محشر جي رُسوائي جو بہ تصور ذهن ۾ رکو تہ اڄ تہ مان ماڻهن کان لڪي ڪري ڏينهن رات گُناهن ۾ مشغول رهان ٿو سڀاڻي قيامت ۾ انهيءِ سبب ماڻهن جي سامهون منهنجي حقيقت تان پرده کڄي ويو تہ کهڙي ندامت ٿيندي، جيڪڏهن اسان اهڙي طرح غور وفڪر سان تلاوت ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ غم جي ڪيفيت پيدا ٿيندي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اکين مان بہ لڙڪ وهي نڪرن ۽ دل فڪرِ آخرت جي لاءِ بيقرار ٿي وڃي.

عطا کر مجھے ایسی رِقّت خدایا
کروں روتے روتے تلاوت خدایا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ اسلاف جي طريقي تي عمل ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ جي هن پياري ڪتاب قرآن شريف جي وڌ کان وڌ تلاوت ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ بيان ڪيل احڪامن تي عمل جي ڪوشش بہ ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارن، هن جي حڪم جي تعميل ۾ نماز پڙهڻ وارن، زڪوٰة جي بروَقت اَدائيگي ڪرڻ وارن، صدقو ڏيڻ وارن جي فضيلت بيان ڪندي سيپاري 22 سُورَةُ الفاطِر آيت نمبر 29 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو.



www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿۲۹﴾ | **تَرْجموڪنزالايمان:** بيشڪ اهي جيڪي الله جو ڪتاب پڙهن ٿا ۽ نماز قائم رکن ٿا ۽ اسان جي ڏني مان ڪجھ اسان جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن لڪل ۽ ظاهر، اهي اهڙي واپار جا اميدوار آهن جنهن ۾ ٽوٽ نہ آهي. |

تفسيرِ بَغَوي ۾ هن آيتِ مُبارَڪ جي تحت لکيل آهي تہ ”تِجَارَةً“ مان مُراد اهو ثواب آهي جنهن جو الله عَزَّوَجَلَّ وعدو فرمايو آهي، ان ۾ هرگز نقصان ناهي يعني اهو اجر نہ فاسد ٿيندو، نہ هلاڪ ٿيندو. (تفسير بغوي ج٣ ص ۴۹۲ ) جڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ نماز پڙهڻ وارن، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وارن ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارن کي اَجرِ عظيم جي بشارت عطا فرمائي رهيو آهي. ياد رهي! قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو ثواب اسان کي انهيءَ صُورت ۾ ملي سگهي ٿو جڏهن دُرُست تَلَفُّظ سان پڙهيو وڃي ۽ قرآنِ ڪريم کي سُستي ۽ غفلت سان پڙهڻ جي بدران خوش اِلحاني، دل جمعي ۽ غور وفڪر ڪندي هن جي تلاوت ڪرڻ گهرجي. حضرت عبيده مُلَيڪي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اي قرآن وارو! قرآن کي وهاڻو نہ بڻايو (يعني سُستي ۽ غفلت نہ ڪيو) ۽ رات ۽ ڏينهن ۾ ان جي تلاوت ڪيو جيئن تلاوت ڪرڻ جو حق آهي ۽ هن کي ڦهلايو ۽ تَغَنّي ڪيو (يعني سني آواز سان پڙهو ان جو معاوضو نہ وٺو) ۽ جيڪو ڪجھ هن ۾ آهي ان تي غور ڪيو تہ جيئن توهان کي فلاح ملي، (هڪ روايت ۾ آهي) هن جي ثواب ۾ جلدي نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن جو ثواب گهڻو آهي.(شعب الايمان، التاسع عشر من شعب الايمان۔۔۔ الخ، فصل في ادمان تلاوته، ۲/۳۵۰-۳۵۱، الحديث: ۲۰۰۷ و۲۰۰۹) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو منهنجي اُمَّت جي افضل عِبادت تلاوتِ قُرآن آهي. (شعب الايمان للبيهقي،ج۲،ص۳۵۴،ح۲۰۲۲)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت،اميرِ اَھلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ اسان کي روزانو تلاوتِ قرآن کي پنھنجو معمول بنائڻ ۽ ھن جي مَحَبَّت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ ھڪ مدني اِنعام بہ عطا فرمايو آھي تہ'' ڇا توھان اڄ ڪنزُ الاِيمان مان گھٽ مان گھٽ 3 آيتون (ترجمي ۽ تفسير سان) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟'' تنھنڪري اسان کي بہ پنھنجي اھا عادت بنائڻ گھرجي تہ روزانو ڪنزُالاِيمان/ تفسير خزائنُ العِرفان/ نُورُالعِرفان/ صِراطُ الجِنان مان مع ترجمو ۽ تفسير خُوب غور وفڪر سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪيون اھڙي طرح مدني اِنعام تي عمل سان گڏوگڏ تلاوت جو گھٽيون ڀلائيون ۽ برڪتون پڻ نصيب ٿينديون ۽ عمل جو جذبو پڻ پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ

کنز الایمان اے خدا میں کاش روزانہ پڑھوں
پڑھ کے تفسیر اس کی پھر اس پر عمل کرتا رہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تلاوت جو شوق رکڻ وارا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی ڪيتري ذوق ۽ شوق سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ھئا اچو ھن باري ۾ انھن نيڪ ھستين جا ايمان افروز وڏيڪ واقعا ٻڌون ٿا، جيئن حضرت شيخ بھاءُ الدّين زڪريا ملتاني رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ کي تلاوتِ قرآنِ ڪريم سان غير معمولي شَغَف ھو ان ڪري ھر رات جو ھڪ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا ھئا.(تذکرہ حضرت بہاء الدین زکریا ملتانی،ص۶۷ملخصا) ھڪ رات حضرت شيخ بھاءُالدّين زَڪريا ملتاني رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ پنھنجي دوستن کي ارشاد فرمايائون: توھان مانَ ڪو اھڙو شخص آھي جيڪو اڄ جي



www.dawateislami.net

رات ۾ (2) رڪعت پڙهي ۽ هڪ رڪعت ۾ ڪامل قرآن شريف پڙهي. حاضرين مان ڪنهن کي همت نه ٿي. شيخ بهاءُ الدّين زڪريا رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ پاڻ بينا ۽ ٻه (2) رڪعت نماز شروع ڪئي. پهرين رڪعت ۾ سجو قرآنِ ڪريم ۽ چار (4) سيپارا مَزِيد تِلاوت ڪئي ۽ ٻي رڪعت ۾ سوره اخلاص پڙهي ۽ نماز مڪمل ڪئي.(فوائد الفواد مترجم،ص٦٢)حضرت شيخ بهاءُ الدّين زڪريا رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ جو معمول هو ته تهجد جي نماز کان پوءِ قرآنِ پاڪ جي ابتدا ڪندا هئا ۽ نمازِ فجر کان پهريان مڪمل ڪندا هئا. (شان اولياءالمعروف هفتاد اولياء،ص٢٥٢ملخصا)اهڙي طرح حضرت سيدُنا حسن ڪرابيسي رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ فرمائن ٿا: "مون ڪيئي ڀيرا حضرت سيدُنا امام شافعي رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ سان رات گڏ گُذاري.مون ڏٺو ته پاڻ رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ هڪ ٽهائي رات نماز پڙهن ٿا ۽ ڪڏهن پنجاهه (50) آيتن کان وڌيڪ تلاوت نه ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ پڙهندا هئا ته ٻه سو (100) آيتن تائين پهچندا هئا. جڏهن ڪنهن آيتِ رحمت جي تلاوت ڪندا هئا ته بارگاه الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ پنهنجي لاءِ ۽ سيني مؤمنين جي لاءِ اطاعت تي قائم رهڻ جي دعا ڪندا هئا ۽ جڏهن آيتِ عذاب پڙهندا هئا ته ان کان پناهه گهرندا هئا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي لاءِ ۽ تمام اهلِ ايمان جي لاءِ نجات جي دعا ڪندا هئا." (تاريخ بغداد، الرقم٤٥٤، محمد بن ادريس الشافعي، ج٢، ص٦١)

حضرت يحييٰ بن سعيدقطان رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ به عاشقِ قرآن هئا، سندن جو معمول هو ته پاڻ مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا. يحييٰ بن مَعِين رَحمَۃُ اللہ تعالٰی عَلَیہِ فرمائن ٿا ته حضرت يحيي قطان ويهه (20)سال قيام ڪيو، هر رات ۾ هڪ قرآن ختم ڪندا هئا. چاليهه (40)سالن تائين زوال جي وقت مسجد ۾ حاضر ٿيڻ ترڪ نه ڪيو ۽ ڪڏهن به پاڻ کي جماعت مان غير حاضر نه ڏٺو ويو، علي بن عبدالله چون ٿا ته اسان حضرت يحيي بن سعيد



www.dawateislami.net

رَحمَۃُ اللّٰہ تعالٰی عَلیہِ وٽ حاضر ھئاسين، پاڻ ھڪ شخص کي فرمايائون تہ قرآن پڙهيو، ان سُوۡرَۃُالدُّخَان پڙهڻ شُروع ڪئي، جڏھن ھن آيت تي پھتو،

| | |
|---|---|
| اِنَّ يَوۡمَ الۡفَصۡلِ مِيۡقَاتُهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۴۰﴾ (پ۲۵،دخان، آيت ۴۰) | **تَرجمو ڪنز الايمان:** انھن سمورن جو مقرر وقت آھي . |

تہ ڪِري پيا ۽ غشي طاري ٿي وئي، سندن سينو زمين تان مٿي ٿيو ۽ ڦٿڪڻ لڳا ۽ دروازي سان ٽڪرائجي پيا، جنھن سان سندن چيلھ زخمي ٿي پئي ۽ خون وھڻ لڳو، گھر جون عورتون روئڻ لڳيون تہ اسان ٻيجي پھتاسين ۽ دروازي تي اچي رُڪي پياسين، ايستائين جو پاڻ آھستي آھستي ھوش ۾ آيا، پوءِ اسان اندر داخل ٿياسين تہ پاڻ اھا ئي آيت دُھرائي رھيا ھئا، علي بن عبدُ الله چون ٿا تہ اوھان کي جيڪو زخم پھتو اھو برابر قائم رھيو ايستائين جو سندن جو انتقال ٿي ويو۔(صفة الصفوة ج۲،الجزءالثالث ،ص۲۴۷) الله عَزَّ وَجَلَّ جي انھن تي رحمت ٿئي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

تِرے خوف سے تیرے ڈَر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا اِلٰہی
(وسائلِ بخشش مرمم،ص105)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن حڪايت ۾ بيان ٿيو تہ حضرت يحيیٰ بن سعيد قطان رَحمَۃُ اللّٰہ تعالٰی عَلیہِ مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ ھڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا ھئا. ٿي سگھي ٿو تہ ڪنھن جي ذھن ۾ شيطان اھو وسوسو وجھي تہ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آھي تہ "جنھن ٽن (3) راتين کان گھٽ ۾ قرآن پڙھيو، ان سمجھيو نہ." ("سنن أبي داود"، كتاب شهر رمضان، باب تحزيب القرآن، الحديث:



www.dawateislami.net

١٣٩٤، ج٢، ص٧٩) پوءِ اهي بزرگ ايتري قدر مختصر عرصي ۾ ڪيئن تلاوت ڪندا هئا؟ حڪيمُ الأُمت حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحمَةُ الله تعالى عَليهِ هن حديث جو مطلب بيان ڪندي فرمائن ٿا ته جيڪو شخص هميشه ٽي (3) ڏينهن کان گهٽ ۾ ختمِ قرآن ڪري، اهو جلدي تلاوت جي وجه سان نه ته الفاظِ قرآن صحيح طور تي سمجهي سگهندو ۽ نه ان جي ظاهري معنيٰ ۾ غور ڪري سگهندو. (وڌيڪ فرمائن ٿا) خيال رهي ته اهو حڪم عام مُسلمانن جي لاءِ آهي ته اهي جيڪڏهن نهايت جلدي تلاوت ڪن، ته زبان ويڙهجي ويندي آهي، اڪر صحيح ادا نٿا ٿين، خواص (يعني اللهعَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن) جو حڪم ٻيو آهي خود حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تهجد جي هڪ هڪ رڪعت ۾ پنج پنج(5،5)، ڇهه ڇهه(6،6) سيپارا پڙهي وٺندا هئا .

حضرت سَيِّدُنَ عثمانِ غَني(رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ) هڪ رات ۾ ختمِ قرآن ڪيو آهي، حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلام ڪجهه منٽن ۾ زبورشريف ختم ڪندا هئا، حضرت علي (كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الكَرِيْم)گهوڙي جي زِين سيجائڻ کان پهريان ختمِ قرآن ڪندا هئا.(صاحبِ) مرقات فرمايائون ته شيخ موسيٰ سدواني شيخ ابو مدين جي اصحاب مان آهن هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ ستر هزار(70000) ختم ڪيندا هئا، هڪ ڀيري انهن ڪعبه معظمه ۾ سنگِ اسود چُمي دروازهءِ ڪعبه تي پهچي ختم ِقرآن ڪري ورتو ۽ ماڻهن هڪ هڪ اکر ٻڌو، تنهنڪري هن حديث جي بنا تي نه ته مُرَوَّجه شبينن کي حرام چئي سگهجي ٿو ۽ نه امامِ اعظم ابوحنيفه ۽ ان صحابَه ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمْ اَجْمَعِيْن تي اعتراض ڪري سگهجي ٿو ته هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ پورو ختم ڪندا هئا ته اهو حڪم عام مسلمانن جي لاءِ آهي جو ايتري قدر جلد قرآن شريف پڙهڻ ۾ درست نه پڙهي سگهن. ختمِ قرآن ۾ عام بزرگن جا طَرِيقا مُختلِف رهيا آهن.(مرآة المناجيح، ج٣، ص٢٤٠)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدرسة المدينہ (بالغان)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪثرت سان تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو مقصد هي ناهي تہ اسان جلدي جلدي تلفظ جي غلط ادائيگي سان تلاوت ڪيون ۽ ثواب ڪمائڻ جي بدران گُناهہ جا حقدار ٿيون بلڪ قرآنِ ڪريم جي تلاوت جي فضيلتن کي حاصل ڪرڻ ۽ رحمتن جو نازل ٿيڻ انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهندو جڏهن اسان دُرُست مخارج سان تلاوت جو اهتمام ڪنداسين. اسان جي مُعاشري ۾ ماڻهو جديد دُنيوي تعليم حاصل ڪرڻ، انگلش لينگويج، ڪمپيوٽر ۽ مختلف ڪورسز جي لاءِ تو ان سان متعلق اِدارن ۾ ڳري فيسون جمع ڪرائيندا آهن پر دُرست تلفظ سان فِي سَبِيلِ الله قرآنِ پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ وقت نٿا ڪڍن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **مدرسة المدينه** (**بالغان**) بہ آهي. مدرسة المدينہ بالغان ڇا آهي، هن ۾ داخلو ڪيئن ورتو ويندو آهي؟ فِيس ڪيتري هوندي آهي؟ پڙهڻو ڪيتري دير تائين آهي؟ اچو هن جي باري ۾ بہ ٻڌون ٿا .

مختلف هنڌن ۽ مَسجِدن وغيره ۾ عام طور تي عشاء جي نماز کان پوءِ ڪم وبيش 63 منٽ جي لاءِ هزارين مدرسةُالمدينہ (بالغان) جي ترڪيب هوندي آهي، جن ۾ وڏي عمر جا (يعني بالغ) اسلامي ڀائر صحيح مَخارِج سان حروف جي دُرُست ادائيگي سان قراٰنِ ڪريم سکندا آهن ۽ دعائون ياد ڪندا، نمازيون وغيره درست ڪندا ۽ سُنّتن جي تعليم مُفت حاصِل ڪندا آهن. مدرسة المدينہ بالغان ۾ ڪو داخلہ فارم جمع ناهي ڪرائڻو، نہ ئي هن جي ڪا



www.dawateislami.net

فِيس هوندي آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! قرآنِ پاڪ جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي، مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف مدني ڪمن ۾ بہ شامل ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن مثال طور هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت، مدني قافلي ۾ سفروغيره. دُنيا جي مختلف مُلڪن ۾ اڪثر گهرن جي اندر تقريباً روزانو هزارين مدارِس بنام مدرَسةُالمدينہ (بالِغات) بہ لڳايا ويندا آهن، جن ۾ اسلامي ڀينرون قراٰنِ ڪريم، نماز ۽ سُنّتن جي مُفت تعليم حاصل ڪنديون ۽ دُعائون ياد ڪنديون آهن.

عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا

خدایا ذوق دے قرآن پڑھنے کا پڑھانے کا

## منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت سان جتي اسلامي ڀائر درست تلفظ سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکن ٿا اتي گهڻن ئي ماڻهن کي گناهن ڀري زندگي کان توبہ جي بہ توفيق نصيب ٿيندي آهي اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

زم زم نگرحيدرآباد (بابُ الاسلام،سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو لُبِّ لُباب آهي: آئون هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دُنيا جي موج مستي ۾ گُم ۽ پنهنجي آخرت جي انجام کان غافل هئس جو منهنجي ستل قسمت جاڳي پئي ۽ مون کي مدرسةُ المدينہ (بالغان) جون رُوحاني فضائون ميسر ٿيون، مدرسةُ المدينہ (بالغان) جي برڪتن منهنجي تاريڪ دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفي جي چراغ سان مُنوَّر ڪري ڇڏيو. قراٰنِ ڪريم جي تعليم سان



www.dawateislami.net

گڏوگڏ سُنّتن تي عمل جو جذبو بہ مِليو ۽ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي ۽ مان دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارن جا واقعا ۽ قرآنِ ڪريم پڙهڻ جا فضائل ٻڌي رهيا آهيون. ياد رهي!جتي بہ ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي اتي ان مان هرگز اهو مُراد ناهي تہ اسان فرائض وواجبات ۽ سمورا ڪم ڪار ڇڏي رات ڏينهن قرآنِ ڪرِيم جي تِلاوَت ۾ مَشغُول ٿي وڃون ۽ اسان تي جيڪي حُقُوقُ العباد لازم آهن، انهن کان بلڪل غافِل رهون. بلڪ ٻانهي تي ان جي ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، اولاد گهرواريءِ ايستائين جو ان جي پنهنجي ذات ۽ ان جي نفس جا بہ اُن تي حق آهن. تنهنڪري اسان کي بہ فرائض وواجبات جي ادائيگي کان پوءِ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي لاءِ هڪ وقت مخصوص ڪرڻ گهرجي ان جو اهو فائدو ٿيندو جو اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا حقوق بہ بآساني اداڪري سگهنداسين ۽ ٻانهن جي حقن ۾ بہ ڪوتاهي نہ ٿيندي. بلڪ جيڪڏهن حُقُوقُ العِباد تلف نہ ٿين تہ نفل جي ڪثرت، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ۽ نفل روزن جي عادت بہ بنائڻ گهرجي جو ان جون وڏيون برڪتون آهن.

شيخ طريقت، اَمِيرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ترغيب جي لاءِ روزن جا دُنيوي ۽ اُخرَوِي فَائِدا ٻڌائيندي اِرشاد فرمائن ٿا: فرض روزن کان سواءِ نفل روزن جي بہ عادت ٻڻائڻ گهرجي جو هن ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن ۽ ثواب تہ



www.dawateislami.net

ايڏو آهي جو دل چاهي ٿي تہ بس روزا رکندا ئي رهون. ويتر ديني فائدن ۾ ايمان جي حفاظت، جهنم کان ڇوٽڪارو ۽ جنّت جو حصول شامل آهن ۽ جيتري تائين دنياوي فائدن جو تعلق آهي تہ روزي ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ۾خرچ ٿيڻ واري وقت ۽ اخراجات جي بچت، پيٽ جي اصلاح ۽ تمام گهڻين بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي ۽ تمام فائدن جو بنياد هي آهي تہ ان سان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي.(فيضانِ رمضان، ص ۱۳۳۳)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ شوالُ المڪرم ۾ ڇهہ (6) نفل روزي رکيا ويندا آهن، جن کي شش عيد جا روزا بہ چيو ويندو آهي، احاديثِ مُبارڪ ۾ انهن روزن جا وڏا فضائل بيان ٿيا آهن. اچو ترغيب جي لاءِ شش روزون جي فضيلت تي مشتمل ٿي(3) فرامينِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا.

1. " جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇهہ ڏينهن شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي. "

(مجمع الزوائد ج۳ ص۴۲۵ حديث ۵۱۰۲)

2. " جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهہ شوال ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا ".

(صحيح مسلم ص ۵۹۲ حديث ۱۱۶۴)

3. " جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) ڇهہ روزا رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون.

(سنن ابن ماجہ ج ۲، ص ۳۳۳، حديث ۱۷۱۵)

خليلِ ملت حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي



www.dawateislami.net

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: اهي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) **مطلب** تہ عيد الفطر جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو عيد جا ڇهہ روزا رکي سگهو ٿا.

## نفل روزن جي مَدَني تحريڪ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نِيَّت ڪري وٺو تہ اسان بہ شَوالُ المُڪَرَّم جي هن مهيني ۾ پنهنجي سهولت جي مطابق اهي ڇهہ (6) روزا رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين اِنۡ شَآءَ اللّٰہعَزَّوَجَلَّ۔ جيڪي اسلامي ڀائر نفل روزا رکن ٿا تنظيمي طور تي ان عاشقانِ روزه جي درجہ بندي آهي. **(1) ممتاز:** اهو اسلامي ڀاءُ جيڪو صومِ داؤدي يعني هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن جو روزو رکي يا مهيني ۾ گهٽ مان گهٽ 15 روزا پنهنجي سهولت جي مطابق رکي يا پنج (5) ممنوع ڏينهن جي علاوه سڄو سال روزا رکي. (عيدالفطر ۽ ١٠،١١،١٢،١٣ذوالحجة الحرام تي روزو رکڻ مڪروهِ تحريمي آهي.) (دُرِ مختار و ردالمحتار ج ٣، ص ٣٩١) **(2)بهتر:** جيڪو هر سومر شريف ۽ جمعرات جو روزه رکي (سومر ۽ جمعرات جو روزو سُنّت آهي، البت جيڪو پنهنجي سَهولت جي مطابق مَدني مهيني ۾ ست روزا رکي اهو بہ تنظيماً ''بهتر''۾ شمار ٿيندو.) **(3)مناسب:** جيڪو هر سومر شريف جو يا مجبوري هجي تہ هفتيوار موڪل واري ڏينهن روزو رکي (ائين مهيني ۾ چار پنج روزا ٿيندا.)

وڌيڪ تفصيلات ڄاڻڻ جي لاءِ فيضانِ سنت جلد اوّل باب فيضانِ رمضان



www.dawateislami.net

صفحو 1419 جو مطالعو ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوت ۾ دل ڇو نٿي لڳي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو ته ائين ڪيپي جو اسان به فرائض جي ادائيگي سان گڏ ڪثرت سان نفل عبادات ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم ڪندي زندگي گذاريون پر افسوس! اڄڪلهه مسلمانن جي اڪثريت تلاوتِ قرآنِ ڪريم کان پري نظر اچي پئي هڪ اهو وقت هو جو جڏهن هر گهر مان صبح سويري نمازِ فجر کان بعد تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو آواز ايندو هو خاص ڪري گهر جا وڏا پوڙها ماڻهو ته لازمي ڪجهه نه ڪجهه تلاوتِ قرآن ڪندا هئا. جنهن سان ٻارن کي به رغبت ملندي هئي پر هاڻي بدقسمتي سان نه نمازن جو شوق باقي رهيو ۽ نه ئي تلاوتِ قرآن جو ذوق، بلڪ هاڻي ته حالت اها آهي جو گهر جا وڏا ماڻهو صبح وقتِ فجر گذرڻ کان پوءِ ۽ بعض ته سج چڙهڻ کان پوءِ اُٿندا آهن ۽ ڪو بهتر ڪم ڪرڻ جي بدران سڀ کان پهريان اخبار پڙهندا آهن يا وري نيوز چينل لڳائيندا آهن، جيڪڏهن نه ڏسندا آهن ته قرآنِ ڪريم کولي ڪري نه ڏسندا آهن، وڏن کي ڏسندي اسان جو نئون نسل به انهن نيڪ ڪمن کان پري ٿي رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهه نوجوانن جي اڪثريت، موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي نه صرف رات تائين ميسجز (Messages) ۽ ٻين فضوليات ۾ وقت برباد ڪندي رهي آهي بلڪ صبح دير سان اک کلڻ تي به نمازِ فجر قضا ٿيڻ ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم کان محروم رهجڻ جو افسوس ڪرڻ جي بدران سڀ کان پهريان موبائل ئي کي ڏسندو آهي ته ڪٿي ڪو ميسج (Message) ته نه آيو آهي، جڏهن ته قرآنِ ڪريم ته رحمتن



www.dawateislami.net

۽ برڪتن سان ڀرپور اهو پيارو ڪلام آهي جيڪو نہ صرف اسان جي رهنمائي ۽ هدايت جي لاءِ نازل ٿيو آهي بلڪ ان جو ڏسڻ، ان جو ٻاوضو ڇهڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ باعثِ اجر و ثواب بہ آهي، افسوس اسان جو حال تہ هي آهي جو جنهن محفل ۾ قرآن تي مبني گفتگو ٿي رهي هجي تہ اسان ڪڪ ٿيڻ لڳندا آهيون ۽ اوٻاسي تي اوٻاسي اچڻ لڳندي آهي يعني سُستي اچڻ لڳندي آهي، ڇا اسان ڪڏهن ان جي سبب تي غور ڪيو؟؟ ان جو سبب هي آهي تہ اسان جون دليون فسق و فجور ۽ معصيت (گناهن) جي گندگي سان آلوده ٿي چڪيون آهن، جيڪڏهن اسان جون دليون پاڪ ۽ صاف هجن ها تہ اسان کي تلاوتِ قرآن ۽ سماعتِ قرآن ٻنهي ۾ لطف اچي ها، اي ڪاش وري اهو دور اچي وڃي جو مسلمان قرآنِ ڪريم سان مَحَبَّت، ان جي تلاوت جي ڪثرت ۽ ان جي احڪامن تي عمل جا عادي ٿي وڃن.

## قرآنِ ڪريم جي احڪامن تي عمل جي معاملي ۾ اسان جي حالت:

حضرت حسن بصري رَحمَۃُ اللّٰہ تعالٰی علیہِ پهرين جي مسلمانن جي عملي حالت بيان ڪندي فرمائن ٿا: ''مون 70 بدري صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي ڏٺو هو اهي اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حلال ڪيل شين سان (تقويٰ ۽ وَرع جي سبب) ايتري قدر بچندا هئا جو جيتري قدر توهان حرام شين کان بہ پرهيز نٿا ڪيو. جيتري قدر توهان ڪشادگي جي حالت تي خُوش ٿيو ٿا، ان کان وڌيڪ اهي آزمائشن تي خُوش ٿيندا هئا. جيڪڏهن توهان انهن کي ڏسي وٺو ها تہ چئو ها اهي مجنون آهن ۽ جيڪڏهن اهي توهان جي بهترين ماڻهن کي ڏسن ها تہ چون ها تہ انهن ماڻهن جو (آخرت ۾) ڪو حصو ناهي، جيڪڏهن اهي توهان جي برن ماڻهن کي ڏسن ها تہ چون ها: انهن ماڻهن جو حساب جي ڏينهن تي ايمان ناهي، انهن مان ڪنهن جي سامهون حلال مال پيش ڪيو ويندو هو تہ اهي هي چئي ڪري وٺڻ



www.dawateislami.net

ڪان منع ڪندا هئا تہ مون کي پنهنجي دل جي خراب ٿيڻ جو ڊپ آهي (جڏهن تہ توهان حرام مال وٺڻ ۾ بہ ذري برابر پروا نہ ٿا ڪيو.)

(صراط الجنان،جلد 3 صفحہ467)

مجھ کو روزانہ تلاوت کی بھی تُو توفیق دے

قاریِ قرآں بنا خادمِ قرآں بنا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ پنهنجي اَسلاف جي نقشِ قدم تي هلندي قرآنِ پاڪ جي احڪامن جي بجا آوري ۾ پنهنجي زندگي گُذارڻ گهرجي. زهي نصيب! جيڪڏهن اسان قرآنِ پاڪ جي ظاهري ۽ باطني آداب جو لحاظ ڪندي تلاوت ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جو ڪوڙ ساريون ڀلائيون نصيب ٿينديون. اچو! پهريان تلاوت جا ظاهري آداب ٻڌون ٿا.

## تلاوتِ قرآن جا ظاهري آداب:

❁تلاوت ڪرڻ واري کي گهرجي تہ باوُضو ٿي قبلہ رُو مٿو جهڪائي ادب ۽ سڪون سان ويهي يا ويهي ڪري تلاوتِ قرآن ڪري. ❁ پلٿي هڻي (يعني چار زانو ويهڻ)، (بِلا ضرورت) ٽيڪ لڳائڻ کان پاسو ڪري بلڪ ائين ويهي جيئن اُستاد جي سامهون شاگرد ويهندو آهي. ❁تلاوت ڪرڻ جي سڀ کان افضل حالت اها آهي تہ مسجد ۾ دورانِ نماز ويهي ڪري تلاوت ڪئي وڃي. اَميرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا مولىٰ علي المرتضىٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْمفرمائن ٿا: ”جيڪو نماز ۾ ويهي قرآن جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر اکر جي بدلي 100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو ويهي ڪري تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر اکر جي



www.dawateislami.net

بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز جي علاوه باوضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ25 نيڪيون آهن.“(احياالعلوم ،ج۱،ص۳٦٦)❁تِلاوت جو هڪ ادب هي آهي تہ خوب آهستہ تلاوت ڪئي وڃي.(احياالعلوم ،ج۱،ص۳٦٨)❁ ۽ خوبصورت آواز ٻڌائي خُوش اِلحاني سان تلاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ” الله عَزَّ وَجَلَّ جيترو خوش اِلحاني سان تلاوتِ قرآن جو حڪم ڏنو ايترو ڪنهن بي شيء جو ناهي ڏنو.“(صحيح مسلم،کتاب صلاة المسافرين ۔۔الخ،ص۳۹۷،ح۷۹۲) اهو بہ ياد رهي! تہ اڪرن کي ايترو وڌيڪ نہ ڇڪيو وڃي جو (اڪرن جو) آواز بدلجي وڃي يا نظمِ قرآن تبديل ٿي وڃي.(احياالعلوم ، ج۱،ص۳۷۱) ❁فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:”قرآن پڙهو ۽ روئو جيڪڏهن توهان کي روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي صورت ٻڌائي ونو.“(سنن ابن ماجہ، باب فی حسن الصوت بالقرآن،ج۲،ص۱۲۹،ح۱۳۳۷بتغير) ❁ايتري آواز سان قراءت ڪئي وڃي جو تلاوت ڪرڻ وارو پاڻ ٻڌي وني چوتہ قراءت نالو ئي ان جو آهي جو اڪرن کي آواز سان واضح طور تي ادا ڪيو وڃي. (احياالعلوم،۱/۳۷۰،ماخوذاً)

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي انهن ظاهري آداب جو خيال رکندي روزانو تلاوت جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن جا باطني آداب:

منا منا اسلامي ڀائرو! تلاوتِ قرآن جا ڪجھ باطني آداب بہ آهن، اچو انهن ۾ بہ ڪجھ آداب ٻڌون ٿا: ❁حُضورِ قلب(دل جي توجھ) سان تلاوت ڪئي وڃي يعني دل ۾ پيدا ٿيڻ وارن سيني خيالن کي ترڪ ڪري تلاوتِ قرآن ڪئي وڃي. (احياالعلوم ،۱/ ۳۷۴) ❁جهڙي طرح ظاهري جِلدِ قرآن ۽ ان جي ورقن جو



www.dawateislami.net

اهو ادب آهي تہ بغير طهارت جي انهن کي هٿ نہ لڳايو وڃي اهڙي طرح قرآنِ ڪريم جي باطني انوار و تجليات جو تقاضو آهي تہ دل بہ هر طرح جي ناپاڪي کان پاڪ ۽ صاف هجي تہ جيئن اهي تجليات هن دل ۾ سمائجي سگهن. (احياء العلوم، ۱/۳۷۳،ماخوذاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهہ قابلِ توجهہ آهي تہ جڏهن قرآنِ پاڪ جي جلد ۽ ان جا ورق وغيره بوسيده يا شهيد ٿي وڃن تہ انهن جو تحفظ بہ اسان جي ذميداري آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 103 شعبن مان هڪ شعبو مجلس تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ بہ آهي. اوراقِ مقدسہ جو تحفظ ڪرڻ، انهن جو تقدس پامال نہ ٿيڻ ۽ انهن کي بي ادبين کان بچائڻ جي مقدس جذبي جي تحت اهو شعبو قائم ڪيو ويو آهي. مختلف شعبہ هاءِ زندگي سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن (عالمن، امامن، مسجد ڪميٽين، واپاري، دُڪاندار، وغيره) جي تعاون سان مختلف هنڌن تي اَوراقِ مُقَدَّسَہ جي تَحَفُّظ جي لاءِ بڪس (Box) وغيره جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي ۽ مجلس جي ذَيل شرعي ۽ تنظيمي اُصولن جي مُطابق اَوراقِ مُقَدَّسَہ کي دفن، ٺَڏو يا محفوظ ڪيو ويندو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جي باطني آداب مان اهو بہ آهي تہ ❁قرآنِ پاڪ جي ڪنهن آيت ۾ اَمر و نَهي (يعني ڪنهن ڪم جي ڪرڻ يا ڪنهن کان منع ڪرڻ جو حڪم) پڙهي تہ اهو خيال ڪري تہ هي مون سان ئي خطاب آهي. اهڙي طرح اڳوڻين اُمّتن ۽ انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي واقعن مان بہ عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪري.(احياءالعلوم ،ج۱،ص۳۷۸، ماخوذاً)❁ نيز تلاوت



www.dawateislami.net

ڪرڻ واري کي کپي تہ آيتن سڳورين جي سِياق و سَباق جو اثر بہ قبول ڪري، هو ائين تہ نہ مجڻ وارن مثال طور عاد و ثمود وغيره جي احوال ۽ انهن تي نازل ٿيڻ وارن عذابن جي باري ۾ پڙهي تہ دل ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ جي عذاب ۽ غلبي و قدرت جو خوف پيدا ڪري ۽ جڏهن جَنَّت ۽ ان جي نعمتن جي باري ۾ پڙهي تہ ان کي حاصل ڪرڻ جي دعا ڪري. (احياء العلوم، ۱/۸۵۵)۞تلاوتِ قرآن جي باطني آداب مان اهو بہ آهي تہ پڙهڻ وقت غور وفڪر ڪيو وڃي خاص ڪري ان جي معني ۽ مفهوم تي غور ڪيو وڃي. اميرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا علي المُرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الكَرِيْم فرمائن ٿا: ”ان عبادت ۾ ڪو ڀلائي ناهي جنهن ۾ سمجهہ نہ هجي ۽ ان قراءَت ۾ ڪو بهتري ناهي جنهن ۾ غوروفڪر نہ هجي.“(احياءالعلوم ،ج۱،ص۳۷۴)

## تفسير صِراط الجنان جو تعارف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ کي بهتر طريقي سان سمجهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي ادارِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير ”صِراطُ الجنان“ مان روزانو نمازِفجر کان پوءِ مدني حلقي ۾ ٽن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ يا وري اِنفرادي طور تي پڙهڻ جي عادت ٺاهيو ۽ ثواب جو ڪوڙ سارو خزانو حاصل ڪيو، اچو تفسير صراط الجنان جون ڪجهہ نمايان خصوصيتون بہ ٻڌون ٿا: ﴿1﴾تفسيرصِراطُ الجنان ۾ هر آيت جا 2 ترجما ڏنا ويا آهن، هڪ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰه تعالٰى عَلَيهِ جي ڪنزالايمان مان، ٻيو ترجمو آسان اُردو ۾ ڪنزُالعرفان جي نالي سان ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ زياده تر ڪنزالايمان مان ئي اِستفاده ڪيو ويو آهي.﴿2﴾ تفسير صِراطُ الجنان ۾ قابلِ اعتماد علماءِ ڪرام جي قديم ۽ جديدقرآني تفسيرن ۽ ٻين اسلامي عُلوم تي لکيل ڪتابن خاص ڪري سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان



www.dawateislami.net

رَحۡمَةُ اللّٰہ تعالٰی عَلَیہِ جي لکيل، ڪثير ڪتابن مان ڪلام اَخذ ڪري آسان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي﴿3﴾ تفسير صِراطُ الجنان ۾، تفسير خزائنُ العرفان ۽ تفسير نورُ العرفان جو فيضان آهي، تفسير خزائنُ العرفان،خليفه اعليٰ حضرت، صدرُ الافاضل سيد،حافظ،حڪيم مُفتي نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰہ تعالٰی عَلَیہِ جو ۽ تفسير نورُالعرفان انهن جي خليفي، مُفسرِ شهير،حڪيمُ الامّت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہ تعالٰی عَلَیہِ جو آهي ﴿4﴾تفسير صِراطُ الجنان نه وڌيڪ ڊگهو آهي نه ئي نهايت مختصر، بلڪ متوسط ۽ جامع آهي ﴿5﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ حتي الاِمڪان آسان انداز اختيار ڪيو ويو آهي ته جيئن عام اسلامي ڀاءُ به ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن ﴿6﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ اعمال جي اِصلاح جي لاءِ مُعاشرتي بُرائين جو تذڪرو ۽ معاشرتي برائين جا عذاب بيان ڪيا ويا آهن ﴿7﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ جنّت جي اِنعامات جي حصول جي ترغيب ۽ جهنم جي عذابن جي ترهيب موجود آهي﴿8﴾ تفسير صِراطُ الجنان ۾ باطني امراض جي باري ۾ به ڪجهه تفصيل سان ڪلام ڪيو ويو آهي﴿9﴾ تفسير صِراطُ الجنان ۾ والدين، رِشتيدارن، يتيمن، پاڙيسرين وغيره سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ صِلهِ رحمي ڪرڻ جي باري ۾ به اِصلاحي مواد موجود آهي ﴿10﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ عقائدِ اهلسنّت ۽ معمولاتِ اهلسنّت جو دليلن سان وضاحت ڪئي وئي آهي ﴿11﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ موقعي جي مناسبت سان حضورِ پُرنور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ اولياءِ عِظام جي سِيرت ۽ واقعا به ذِڪر ڪيا ويا آهن ﴿12﴾تفسير صِراطُ الجنان ۾ آيتن مان حاصل ٿيڻ وارا رنگ برنگي، نِت نئي خوشبوئن وارا مدني گل به موجود آهن. اوهان به نيت ڪيو ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون ترجمي ۽ تفسير سان صراط الجنان جو مطالعه ڪنداسين ۽ قرآنِ پاڪ جي تعليمات تي



www.dawateislami.net

نہ صرف پاڻ عمل ڪنداسين بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريندا سين.

يہی ہے آرزو تعليمِ قرآن عام ہو جائے

ہر اک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ وارن اسلافِ ڪرام جا ايمان افروز واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، ۽ شش عيد يعني شوال جي مهيني ۾ ڇھ(6) روزا رکڻ جا فضائل ۽ نفلي روزن جا مدني گل بہ ٻڌا. ان جي علاوه تلاوتِ قرآن جا ظاهري ۽ باطني آداب جي باري ۾ اهم مدني گل حاصل ٿيا، الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي بہ قرآنِ پاڪ جي ظاهري ۽ باطني آداب جو خيال رکندي خوب خوب تلاوتِ قرآنِ ڪريم ڪرڻ ۽ ان جي رحمتن ۽ برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِیِّ الْاَمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میں ادب قرآن کا ہر حال میں کرتا رہوں

ہر گھڑی اے میرے مولیٰ تجھ سے میں ڈرتا رہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت،



www.dawateislami.net

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [2]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! اچو! لباس جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ❁ ۞ جِنَّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي ته بِسْمِ اللّٰهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504) مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان (يعني شَرم گاه )کي ڏسي نه سگهن. (مرآة ج1ص268) کو ديکھ نه سکيں گے۔(مرآة ج١ ص ٢٦٨ ) ❁ جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو .(ابوداؤد ج۴ص۳۲٦حديث ۴۷۷۸) ❁ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي .(ڪشفُ الاِلتِباس فِي استِحبابِ اللِّباس لِلشَّيخ عبدالحَقّ الدّهلَوي ص٣٦) ❁ (لباس) پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کابو هٿ کابي آستين ۾ .(اَيضاً٣٣) ❁ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني

---

[2]… مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

ڪابي پاسي کان شروع ڪيو . ❋دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" **جلد** 3 **صفحي** 409 **تي آهي:** سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگھ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگھ وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي۔ (رَدُّالْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ❋ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي (مراٰة ج٦ص٩٤)❋ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي . ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو ❋ تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي . تڪبر آهي يا نہ ان جي سڃاڻپ ائين ڪري جو ان ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اها ئي حالت آهي تہ خبر پئي ان ڪپڙن ۾ تڪبّر پيدا نہ ٿيو. جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو، تنهن ڪري اهڙن ڪپڙن کان بچي جو تڪبر بُري صفت آهي .

(بہارِ شریعت ج۳ص۴۰۹،رَدُّالْمُحتار ج۹،ص۵۷۹)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صلَّى اللهُ تعالٰى علٰى محمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

---

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

4...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[6]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[7]

---

5 …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

6 …افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

7 …القول البديع،الباب الاول،ص125



www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[9]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[10]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[8] … الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،۳۲۹/۲،حديث:۳۰

[9] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ…الخ،254/10،حديث:17305

[10] … تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵



www.dawateislami.net